ڊاڪٽر ذوالفقار سيال

# بالي ناز داستان

***Abstract:***

*World and its history contain many a stories and tales of bravery, generosity, lenity, loyalty and many other subjects and topics. But the subject matter of stories, dramas and operas has mostly been romance. Love has been the reason behind its creation, and the same is not only limited to Sindhi language and literature. Indeed, in all the languages and literatures of the world such blockbuster stories are present. Simon Delisla, Hunchback of Notre-Dame, Romeo Juliet, Summer of 42, Shiereen Farhad, Qais Laila are some of the few names amongst an extensively long list of such legends. The Seven Surs of Shah Latif in Sindhi, are seven famous tales of oral literature that have become eternal because of their romance, otherwise the stories on love and romance run into millions and are continuing in present day. But it seems, that the stories now being written contain nothing extraordinary, for their popularity and likeness is not to that extent that they become legends, as were written earlier. It's a coincidence that heroes in all these legends have been Kings, Princes, Rulers or Chieftains, Ranoo Raye Diyaj, Jaam Tamachi, Punnunh, Chanesar, Omar and in Punjabi legends Ranjha, Mirza and others, none of them was a common man. In the world of literature the stories on loves of Kings are too many, and the oral legends and stories of Sindh too are filled with the same. In present age, love affairs of Bill Clinton, Louis (French President) gained popularity. King of England, Edward the VIIIth had to renounce his throne because of love. The legend of Wali of Khairpur State, Mir Ali Nawaz Naz, is also lengthy and exceptional. Bali Naz's story too alike other legends, is a legend in itself which contains all the elements that are found in any legend. But unluckily, it failed to find a Shah Latif, Baba Bulleh Shah, Waaris Shah who would have made it a part of his works and hence made it eternal. Bali Naz too is a heart touching legend on romance, which surprisingly till date has not come out in the public eye, the way it should have like other stories and legends.*

**دنيا** ۾ داستان ۽ قصا هونئن تہ گهڻن موضوعن تي موجود آهن، جنهن ۾ بهادري، سخاوت، رواداري، وفاداري ۽ ٻيا تمام گهڻا موضوع شامل آهن، جن مان گهڻن قصن، اوپيراز ۽ ڊرامن جو واسطو رومانس سان آهي. پيار ئي انهن جي تخليق جو سبب بڻيو آهي، جيڪو رڳو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تائين محدود ناهي، پر سڄي دنيا جي





مختلف ٻولين ۽ ادب ۾ ان جا لازوال شاهڪار موجود آهن. سيمسن ڊلائيلا، هنچ بيڪ آف نوٽرڊيم، روميو جيوليٽ، سمر آف 42، شيرين فرهاد، قيص ليلا. اهڙن قصن جي ڊگهي فهرست آهي.

سنڌيءَ ۾ شاهہ عبداللطيف جون ست ئي سورميون، لوڪ ادب جا ست مشهور داستان آهن، جيڪي پنهنجي رومانس جي ڪري امر ٿي ويا، نہ تہ رومانس ۽ پيار جا قصا لکن جي تعداد ۾ آهن، جن جو سلسلو اڄ بہ هلندڙ آهي، پر انهن تي جيئن تہ داستان نٿا لکجن، ان ڪري انهن جي مشهوري ان انداز ۾ نٿي ٿئي، جيئن ان کان اڳ ٿي چڪي آهي.

اهو بہ اتفاق آهي تہ انهن مشهور داستانن جا سورما، شهزادا ۽ بادشاهہ، حاڪم يا سردار رهيا آهن. راڻو راءِ ڏياچ، ڄام تماچي، پنهون، چنيسر، عمر يا پنجاب جا داستان رانجهو، مرزا، اهي سڀ عام ماڻهو نہ هئا.

ادب جي دنيا ۾ بادشاهن جي پيار جي قصا تمام گهڻا آهن. سنڌ جا لوڪ داستان ۽ لوڪ ڪهاڻيون بہ انهن سان ڀريون پيون آهن، پر موجوده دؤر ۾ بل ڪلنٽن، لوئس (فرانس جو صدر) جا داستان پڻ مقبول ٿيا. انگليند جي بادشاهہ ايڊورڊ (اٺين) تہ پيار جي عيوض پنهنجو تخت وڃايو.

رياست خيرپور جي والي مير علي نواز 'ناز' جي پيار جو داستان بہ گهڻو ڊگهو ۽ ڀرپور آهي. 'بالي ناز' بہ انهن قصن ۽ داستانن وانگر، هڪ داستان آهي، جنهن ۾ اهي سڀ ڳالهيون موجود آهن، جيئن ٻين داستانن ۾ آهن، پر بدقسمتيءَ سان هنن کي ڪو شاهہ عبدالطيف، بابا بلهي شاهہ، وارث شاهہ نہ مليو، جن ان کي امر بڻائڻ لاءِ پنهنجي تخليق جو حصو بڻايو هجي.

'بالي ناز' بہ رومانس جو هڪ دل آويز داستان آهي، جيڪو اڄ تائين خبر نہ آهي تہ ڇو منظرعام تي ان انداز سان نہ آيو، جيئن اڳين قصن، داستانن ۽ ڪهاڻين وانگر اچڻ گهربو هو.

ناز جو آئيڊيل شايد شاهجهان هو، پر بالي، ممتاز بيگم نہ هئي. هن قصي جو الميو اهو آهي تہ اهو هڪ طرفو پيار هو، يعني مير علي نواز ناز جو پيار هو ۽ ٻئي پاسي کان صرف سماجي موٽ، وقت ڪڍڻ، گذارڻ، هلائڻ ۽ مائٽن جي چوڻ تي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

'ٽڪسات'. ان حد تائين جو خيرپور رياست ڪنگال ٿي وئي، عاشق مجبور ٿيو، بيمار ٿيو، تان جو تباهه ٿي ويو، پر 'محبوب' ماڻي ۾ پورو رهيو.

وري هيءَ ڪهاڻي پنهنجو پاسو ورائي ٿي. باليءَ ڪي پيار، مير جي وفات کان پوءِ ٿو ٿئي، جيتوڻيڪ مرڻ کان پوءِ چڱا ڀلا جان ڇڏائي، پڇي ويندا آهن. پر ها! بالي زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه حاصل ڪيو، هوءَ بک نه مري ها، جيڪڏهن مير جي وفات کان پوءِ ماڳ مٽائي وڃي ها، پر مير علي نواز ناز جي مرڻ کان پوءِ هن جي دل ۾ مير ناز لاءِ جيڪو پيار، عشق ۽ طوفان اٿيو، هُن پنهنجي سڄي ڄمار ان پاڇي ۾ گذاري ڇڏي ۽ جوانيءَ جو ڪفارو ادا ڪيو. اڳوڻن لوڪ داستانن ۽ هن داستان ۾ اها ئي شيءِ انتهائي مختلف ۽ حيران ڪندڙ آهي، جنهن 'بالي ناز' داستان کي ٻين داستانن کان مختلف بڻايو آهي.

'بالي ناز' داستان جو واسطو، جيئن ته صرف هڪ شخص مير علي نواز ناز سان هو. سسئيءَ جا ڏير به هن جا شايد اهڙا دشمن نه رهيا هجن، جهڙا مير علي نواز ناز جا پونئر باليءَ جا رهيا. جيتوڻڪ مير علي مراد ٽالپر، جيڪو رياست خيرپور جو آخري والي آهي، ۽ اڄڪلهه پنهنجي حويليءَ ۾، پنهنجي اولاد هٿان ايترو پابند بڻيل آهي، جو هو ڪيتري عرصي کان ڪنهن سان به ملڻ لاءِ تيار ڪونهي، ڪيس ماڻهن ۽ ٻين معاملن کان پري رکيو ويو آهي، پر هن پنهنجي پڙڏاڏي جي وصيعت جو مانُ رکندي، باليءَ جو مڙهه ڪربلا ڏياري موڪليو. هُو باليءَ جي نه صرف عزت ۽ احترام ڪندو هو، پر هن رياست طرفان ڪيس ڏنل سڀ رعايتون ۽ سهولتون، باليءَ جي مرڻ تائين برقرار رکيون. اڄ هن جو ٻيو نمبر پٽ مير مهدي رضا ٽالپر پنهنجي پڙڏاڏيءَ کي طوائف ٿو ڪوٺي ۽ چوي ٿو ته، "اها سٺي عورت نه هئي."

مون مير مهدي رضا سان پنهنجي ڪوجنا جي ڏس ۾ ملاقات ڪئي، ته هن پنهنجي پڙڏاڏي مير علي نواز ناز جي ڪنهن به شيءِ ڏيڻ کان لنوايو. جيتوڻيڪ هن واعدو ڪيو هو ته، هو تصويرون ۽ ڪجهه رڪارڊ ڏيندو. مير مهدي رضا ٽالپر وٽ وڏڙن جي زمينن ۽ ملڪيتن جا ته، سڀ رڪارڊ موجود آهن، پر وٽس تاريخ ۽ ان سان لاڳاپيل شيون موجود ناهن. ڪيس ان سان به دلچسپي ڪانهي ته، 'بالي ناز' جي قصي کي عام ڪيو وڃي، جو پاڻ شاعريءَ کي 'بدعت' ٿو ڪوٺي ۽ وڏڙن جي ملڪيت وڪڻڻ ۽ نيلام ڪرڻ، سندس خيال ۾ 'اطاعت' آهي. اهڙن ماڻهن جي هوندي تحقيق ڪرڻ،





رڪارڊ هٿ ڪرڻ ۾ ان کي پرکڻ ڪيڏو ڏکيو آهي، ان جو اندازو نٿو ڪري سگهجي.

'بالي ناز' پيار جو اهو داستان آهي، جنهن جي پويان حسين ۽ ڪومل جذبا، ادائون، وفائون ۽ بيوفايون هڪ ڏکي ۽ مسلسل لڙهيءَ ۾ پويل آهن. طلسماتي رهندڙ اقبال بيگم عرف بالي متعلق هن وقت تائين مون کي ڪنهن به ٻوليءَ ۾، جنهن ۾ انگريزي، اردو ۽ پنجابي شامل آهن، ڪو به ڪارائتو مضمون نه مليو آهي. سنڌيءَ ۾ ته، رڳو هوائي ڳالهيون ڪيون ويون آهن. جيتوڻيڪ بالي 1967ع ۾ گذاري ويئي آهي، ۽ هوءَ آخري ساهه تائين پنهنجي حيثيت آهر فعال ۽ سرگرم رهي، پر ڪٽنب ۽ انهن جي نفرت واري روين جي ڪري، جنهن جي جهلڪ مير مهدي رضا ٽالپر آهي. شايد ڪنهن مٿس ان ڪري به نه لکيو ته، مٿان ڪٿي سرڪار انهن تي ناراض نه ٿي پوي ۽ مختلف نالن ۾ ملندڙ امداد ۽ وظيفو بند نه ٿئي، ان ڪري پنهنجي وقت جي اهم ۽ ان خاندان سان لاڳاپيل سائين عطا محمد حامي، حداد ۽ ٻين به ڪڏهن باليءَ تي ڪو مضمون نه لکيو، جيڪا باليءَ سان ناانصافي ۽ زيادتي آهي.

ٻئي پاسي تاريخ جي اها بي حسي ته انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ به باليءَ جي نالي سان لڳل تصوير به باليءَ جي ناهي. تازو انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي جلد ۾ به باليءَ جي تصوير جي بجاءِ ڪنهن ٻئي جي تصوير ڏنل آهي، بالي ڇا هئي؟ ڇا رهي؟ پهريون ڀيرو، ان موضوع تي تحقيق ڪري مفصل ڄاڻ گڏ ڪئي وئي آهي. پڪ سان ڪنهن به زبان ۾ باليءَ تي لکيل هي پهرين تحرير آهي، جنهن ۾ حقيقتن کي واضح ڪيو ويو آهي.

بالي، سونهن ۽ محبت جو اهڙو ڪردار آهي، جنهن کي ٻنهي رخن سان ڇٽيو ويو آهي، حالانڪ ڇٽيندڙ ان جي زندگي ۽ ذات کان ناواقف رهيا.

اسان وٽ راڻين، ملڪائن ۽ بازاري عورتن جا وڏا وڏا داستان ۽ قصا موجود آهن، پر مون کي وڏي جاکوڙ کان پوءِ به باليءَ تي صحيح نموني سان هڪ مضمون به نه مليو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اڃا وڌيڪ ڏکيو آهي ته، اقبال بيگم عرف بالي سان تاريخ شايد انصاف ڪري سگهي.

اقبال بيگم (بالي) جي زندگيءَ جا مختلف دؤر ۽ قصا آهن. اهي حقيقتون وڏي جاکوڙ سان حاصل ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ سندس ڀيڻ حاجره بيگم، جيڪا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جمون ۽ سرينگر جي وچ واري شهر 'يل' ۾ رهي ٿي ۽ ٻيائيتو حفيظ بٽ. مير امام بخش ٽالپر، جيڪو آخري ڏينهن ۾ باليءَ وٽ پڙهيو ۽ بالي هن جي شاديءَ ۾ پڻ شريڪ ٿي.

اقبال بيگم (بالي) ڪشمير جي بٽ هئي. حفيظ بٽ، ۽ هاڻي غلام محمد عرف ميان بگوءَ جو پٽ آهي، جيڪو گلشن اقبال ڪراچيءَ جي بلاڪ نمبر 6، گهر نمبر 286 ۾ رهي ٿو، جي ڄاڻ موجب، باليءَ جي پيءُ جو نالو امام بخش ۽ ماءُ جو نالو فيروزه بيگم هيو.[1] حفيظ بٽ موجب باليءَ جي شادي قزلباش ذات واري هڪ شخص سان ٿي هئي، جيڪو دلال هو ۽ اهو ئي کيس هيرامنڊي وٺي آيو.[2]

بالي تمام گهڻي سهڻي هئي. سندس رنگ ۽ نقش نگار دل کي موهڻ لاءِ ڪافي هيا، ماڻهو کيس ڏسندي ئي موهت ٿي پوندا هئا. زوار رحيم بخش گوپانگ، جيڪو علم جي سنياال تي مقرر هيو، ان ٻڌايو ته، "امان ايتري نازڪ هوندي هئي، جي پاڻي پيئندي هئي، ته اهو به سندس نڙيءَ مان ظاهر ٿيندو هو. هن جا وار وڏا، ڪارا ۽ گهاٽا هوندا هيا. اکيون وڏيون، نڪ سهڻو ۽ پيشاني چنڊ جيان هوندي هئي."[3]

باليءَ جو ڪشمير ڪان هلندي، لاهور جي هيرامنڊيءَ تائين جو سفر، جيتوڻيڪ هن لاءِ ڏکيو ضرور هو، پر لاهور ۾ ئي هن بيزار ٿي، پنهنجي مڙس قزلباش کان طلاق ورتي، جنهن ۾ سندس وڏي ڀاءُ ميان بگوءَ جو وڏو هٿ هيو. طلاق کان پوءِ هو پنهنجي طور تي آزاد ٿي وئي. هيرامنڊيءَ ۾ سندس ٿي گهر مٽايا هئا، آخر ۾ A-1145 ۾ رهندي هئي.[4]

باليءَ جو آواز منو ۽ سريلو هوندو هيو. هو ويهي ڳانو ڳائيندي هئي، ناچُو نه هئي. مير امام بخش ٽالپر ٻڌايو ته، باليءَ جو آواز ڏاڍو سٺو ۽ ڀرپور هوندو هو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته، محمد قاسم ماڪا، بالي جي آواز جي نالي ۾ مائي هندان جو ڳايل ڪلام پنهنجي ڪيسٽ ۾ ڏنو، جنهن تي مون احتجاج ڪيو هو ۽ کيس چيم ته هي باليءَ جو آواز ناهي.[5]

باليءَ کي به ڀائر غلام محمد عرف ميان بگو ۽ حبيب هئا، جڏهن ته هڪ ڀيڻ تاج بيگم عرف حاجره هئي. بالي کي هڪ ڀاءُ عبدالعزيز به هو، پر ان جو ذڪر ناهي ڪرڻو، حفيظ بٽ چيو.[6]

حفيظ بٽ مطابق سندس پيءُ ميان بگوءَ کي چار پٽ هئا ۽ هڪ ڌيءَ، جن جا نالا آهن: محمد اقبال، ماهه رخ سلطانه عرف بلو، فيروز احمد، حفيظ بٽ ۽ عبدالرشيد.[7] وري حفيظ بٽ کي چار ٻار آهن: طارق شهزاد، محمد اقبال، شهباز خان ۽ محمد ارشد. حفيظ احمد جي زال زاهده پروين خيرپور جي آهي. حفيظ بٽ مطابق سندس پيءُ غلام محمد عرف ميان بگوءَ به چار شاديون ڪيون. پهرين شادي ڪشمير مان ڪئي هئي، جيڪا هن جي جمڻ کان اڳ ئي گذاري وئي هئي.[8] ٻي زال جو نالو شرما بيگم عباسي، لال ڪوٽ سنڌ مان هئي. ٽين شادي مولا بخش سرائي نظاماڻي جي ڌيءَ سان ٿيس. چوٿين شادي تاج بيگم سان ٿي، جيڪا پشاور جي هئي، جنهن مان به کيس هڪ پٽ جاويد حيات آهي.

حفيظ بٽ ۽ سندس ڀائر شرما بيگم عباسيءَ مان ڄاوا. حفيظ بٽ جا سڀ ٻار، سواءِ ننڍي جي آمريڪا ۾ رهن ٿا. حفيظ بٽ فخر سان ٻڌائي ٿو ته، "جنگ وارو مالڪ مير خليل الرحمٰن به اسان جو مائٽ آهي."[9]

حفيظ بٽ پنهنجون يادگيريون ساريندي ٻڌائي ٿو ته، "بالي بيگم مان ۽ منهنجي ڀيڻ بلو ڪافي عرصو گڏ رهياسين. باليءَ جو لاش جڏهن ڪربلا موڪليو پئي ويو، ته ان وقت سول سرجن ڊاڪٽر عثمان هيو. مشهور وڪيل ۽ جج حسن امام پڻ گواهه آهن ته جڏهن لاش کي قبر مان ڪڍيو ويو، ته اهو جيئن جو تيئن هيو، ڳريل نه هيو. جڏهن ان سان گڏ ويندڙ هيو لاش مير محمد علي خان عرف مير وڏن جو هيو، جيڪو ڳري ويو هو. مير وڏن 1965ع ۾ گذاري ويو هو ۽ بالي 1967ع ۾ گذاري وئي هئي. ان ڳالهه جي شاهدي زين الدين شيخ ولد محمد مستقيم شيخ پڻ ڏني، جيڪو ميرن جو خاص نوڪر هو ۽ هينئر ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو."[10]

حفيظ بٽ ٻڌائي ٿو ته، "بالي آخري ڏينهن ۾ فقيري رنگ ۾ رڱجي وئي هئي. ان وقت هن وٽ پنهنجي دور جا فقير منش ۽ وڏا ماڻهو ايندا هئا. جن ۾ عبدالله شاهه مست درويش، دادن فقير جنهن کي ستت چولا پاتل هوندا هئا ۽ مٿي تي وڏي ٽوپي پاتل هوندي هئي.[11] مڃن فقير، سائين نور بادشاهه ۽ ٻيا اهڙي قسم جا ڪيترائي فقراء ڪچهريون ڪرڻ ايندا هئا.

الله ڏني فقيرياڻي عرف امان بادشاهه زادي به باليءَ جي عقيدتمند هوندي هئي، هوءَ جڏهن ڪاوڙبي هئي، تڏهن سندس مزار پرسان نهيل ڪوٺڙيءَ ۾ ويهندي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هئي. پوءِ ڪيس پرچائي وٺي ويندا هئا. سندس خواهش هئي، تہ الله ڏني فقيرياڻيءَ جي مزار تي پاڻي، بجلي هجي ۽ باغ ٺهرائي، پر جڏهن پاڻ وفات ڪري ويئي تہ اهي ٽئي شيون سندس مزار تي اچي ويون.

حفيظ بٽ يادگيرين کي سارينديي اچا وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ، ”محرم جي مهيني ۾ سڀ پڙ وٽس ايندا هئا، جن کي هوءَ مُٺ بند ڪري نذر نياز ڏيندي هئي.“

حفيظ بٽ، پنهنجي پيءُ غلام محمد عرف ميان بگو متعلق ٻڌائي ٿو تہ، ”هو پهلوان هوندو هو. هن امام بخش گونگي سان ڪشمير ۾ مقابلو پڻ ڪيو هو، (جيڪو ڪشمير جو مشهور ۽ وڏو پهلوان ليکبو هو.) هو ڪئنچي مارڪ سگريٽ ڇڪيندو هو، جنهن مان مزو وٺندو هيو. هڪ ڀيري هڪ ڏاند کوهہ ۾ ڪري پيو، ميان بگي پنهنجي ڀاٽيجي ميان فيروز سان گڏجي، پاڻ کي رسي ٻڌي، کوهہ مان ڏاند ٻاهر ڪڍيو. ان وقت مير ناز پڻ جيئرو هو. ميان بگوءَ جو جانورن ۽ پکين سان ڏاڍو پيار هوندو هو، هو پنهنجي هٿن سان پکين کي داڻو بہ ڏيندو هو ۽ انهن جي پالنا پاڻ ذاتي طور تي ڪندو هو، جنهن جي ڪري ڪيترائي ڪبوتر ۽ پکي هن جي ڪلهن تي ويهندا هئا ۽ اڳيان پويان هلندا هيا.“

حفيظ بٽ، ’بالي ناز‘ لاءِ چئي ٿو تہ، ”مير علي نواز ناز جو باليءَ سان بي انتها پيار هوندو هو. هن باليءَ کي ٻيرلوءِ ۾ 50 ايڪڙ زمين ڏني هئي، جڏهن تہ ميرواهہ پل پرسان باليءَ کي 45 ايڪڙ زمين ڏني هئي. بعد ۾ 50 ايڪڙ زمين باليءَ وڪڻي ڇڏي. دلشاد منزل، مير، باليءَ لاءِ ٺهرائي هئي، جيئن شاهجهان، ممتاز بيگم لاءِ تاج محل ٺهرايو هو.“

مير علي نواز ناز ٽي شاديون ڪيون هيون. سندس وڏي زال مائي الله ڏني عرف مائي ڏنا ٽالپر هئي، جيڪا سندس خاندان مان ئي هئي ۽ مير الله ڏني جي ڀيڻ هئي. ٻي زال نذير بيگم، (جنهن مان مير الله بخش عرف مير فيض محمد ڄائو) ۽ ٽين زال اقبال بيگم عرف بالي هئي.

مير علي نواز ناز، ٽنهي زالن مان صرف باليءَ کي ’هز هائينس‘ جو خطاب ڏنو هيو. مير علي نواز ناز جي وفات کان پوءِ باليءَ کي ويهہ هزار رپيا ماهوار وظيفو ملندو هو.





مير علي نواز ناز، باليءَ جي محبت ۾ ايترو تہ انڌو ٿي ويو هو، جو هن رياست خيرپور جي خزانن جا در، باليءَ جي پيءُ غلام محمد عرف ميان بگوءَ لاءِ کولي ڇڏيا. ميان بگو، پنهنجي ڌيڻ باليءَ جي معرفت نہ صرف مير ناز کان پيسا حاصل ڪندو رهيو، پر باليءَ کي مير خلاف ڀڙڪائيندو پڻ رهيو. ميان بگو وڏو لالچي شخص هو. مير ناز جي باليءَ سان يڪطرفي محبت هئي. بالي صرف پيءُ جي چوڻ تي ۽ دنيا جي لوڀ ۽ لالچ ڪري، مير ناز سان هلندي هئي، پر هن جي ناز سان محبت نہ هئي. باليءَ جا ٻيا بہ عشق هئا ۽ اهي بہ مشهور ٿيا، جن ۾ جمال الدين لغاري ۽ استاد عاشق علي خان شامل آهن.[12]

## مير بالي – ملاقات:

پنجابي اديب ۽ دانشور شفقت تنوير مرزا، جو هڪ مضمون، روزانو ڊان، 28 جون 2006ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ هن مير ناز سان باليءَ جي عشق جو ذڪر ڪيو آهي.[13] جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ، اهو عشق لاهور ۾ ٿيو، جڏهن مير علي نواز ناز ايچيسن ڪاليج لاهور ۾ شاگرد هو. هن ملاقات جا تفصيل مير امام بخش خان ٽالپر ٻڌائي ٿو تہ، ”لاهور ۾ رهڻ دوران مير ناز جا بہ دايا بہ هوندا هئا، جيڪي سندس خدمت چاڪري ۽ سارسنڀال لاءِ مقرر هئا، انهن جا نالا در محمد جماڻي ۽ عطا محمد جماڻي هئا.“[14]

هڪ ڏينهن اهي رات جو دير سان آيا، مير ناز انهن تي ناراض ٿيو تہ اوهان دير ڇو ڪئي آهي؟ جنهن تي انهن ڪيس سربستو حوال ٻڌايو تہ، هو رات هيرمنديءَ ۾ اقبال بيگم جو راڳ ٻڌي آيا آهن. ڇا تہ حسين آواز ۽ منهن آهي هن وٽ. هنن جڏهن اقبال بيگم جي واکاڻ ڪئي، تڏهن مير ناز کين چيو تہ، پوءِ سڀاڻي مون کي بہ وٺي هلو ۽ اهو راڳ ٻڌرايو. هو مير صاحب کي ٻئي ڏينهن وٺي ويا. مير ناز، اقبال بيگم جي حسن ۽ راڳ تي موهت ٿي پيو ۽ پنهنجي دل هڪ ئي ملاقات ۾ ڦُرائي آيو، جنهن کان پوءِ مير ناز جو وٽس اچڻ وڃڻ شروع ٿي ويو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هن ٻنهي داين کي چيو تہ، هن جي ڀائرن سان ڳالهايو، مان اقبال سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان. ٻنهي داين جڏهن اقبال جي پيءُ غلام محمد سان ڳالهايو تہ ڀهرايئين هن انڪار ڪيو، بعد ۾ گھٽي چئي چوان کان پوءِ هو راضي ٿيو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جنهن لاءِ هن زيور، سون، پيسا، ڪپڙا، بنگلو ۽ ٻيو سامان گهريو ۽ اهو به شرط وڌو ته، بالي هيرا منديءَ ۾ ڳائيندي. مير ناز هنن جا سڀ شرط قبول ڪيا، پر ڳائڻ وارو شرط نه مڃيو. جنهن جي عيوض ۾ هنن اڃا وڌيڪ پيسن جي گهر ڪئي. وڏي ڇڪتاڻ، وٺ وٺان، زور بار ۽ ايلاز منٿن ڪان پوءِ باليءَ جا وارث راضي ٿيا.

جيتوڻيڪ ان وقت ان هيرامنديءَ ۾ ڪيتريون ئي طوائفون رهنديون هيون، جيڪي هند تائين مشهور هيون. انهن جا نالا پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب 'اهي ڏينهن اهي شينهن' ۾ پڻ ڏنا آهن.[15] پر بالي، هيرامنديءَ جي ان فهرست ۾ شامل نه هئي، جن جي هاڪ هئي ۽ نه ئي هن جو ڳائڻ جي حوالي سان ڪو نالو هو. ان وقت هيرامنديءَ م سونهن جو راڄ هو ۽ باليءَ ڪان وڏيون فنڪارائون ۽ حسين عورتون موجود هيون.

خبر ناهي ته، مير ناز کي اهو اک جو تير ڪيئن لڳو، جيڪو هن جي سموري زندگيءَ کي روڳ ڏيئي ويو ۽ رياست خيرپور جو شهزادو سموري زندگيءَ لاءِ نشانو بڻجي ان خمار ۾ رهيو. جنهن باليءَ جي ڪري ان شاطر ۽ چالاڪ ۽ لالچي ٻاءُ جا نه صرف انگل سٺا، پر رياست جون سمورو ڏنُ ان جي فرمائش تي قربان ڪندو رهيو.

ميان بگوءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته، هُو سؤ روپي جي نوٽ ۾ تماڪ وجهي پيئندو هو ۽ ناز جو خزانو فضول خرچي، اڏنگن فرمائشن ۽ گُهرن جي ڪري خالي ٿي ويو. جڏهن پيسا نه ملندا هئين، تڏهن بالي به مير ناز سان نه ڳالهائيندي هئي ۽ ڪاوڙجي ويندي هئي.

**ادائون:**

چيو وڃي ٿو ته، باليءَ جي سونهن ۾ هن جي ادائن جو به وڏو دخل هيو. هن جو انگ ڍنگ نرالو هو، سندس هر انگ ڳالهائيندو هو. مير ناز هن جي ادائن جي ونگي ۾ ڦاسي ويو ۽ اهڙو ڦاٿو جو وري نڪري نه سگهيو.

**باليءَ جي شادي:**

اقبال بيگم عرف باليءَ جي شادي، مير علي نواز ناز سان لاهور ۾ ٿي، جيڪا جولاءِ 1923ع ۾ ٿي. سندس نڪاح خيرپور جي مشهور عالم مفتي سيد خادم





حسين شاهه لاهور ۾ پڙهايو هيو.[16]

مير امام بخش ٽالپر ٻڌايو ته، "اها تصديق مون پنهنجي والد مير نذر حسين خان ٽالپر ۽ چاچي مير محمد علي خان ٽالپر عرف مير وڏن خان ڪان ڪئي هئي. پير علي محمد راشدي، پنهنجي ڪتاب 'اهي ڏينهن اهي شينهن' ۾ لکي ٿو ته، "شادي خيرپور ۾ ٿي، جيڪو غلط آهي. خيرپور ۾ شاديءَ جو جشن ٿيو هيو، جيئن اڄ ڪلهه وليما ٿين ٿا."

مير امام بخش ٽالپر مطابق شادي وقت باليءَ جي عمر ننڍي ۽ مير علي نواز ناز جي عمر وڏي هئي. خيرپور مان باقاعدگيءَ سان ڄڃ وئي هئي، جيڪا هڪ 'خاص ريل گاڏي' ۾ وئي هئي. ان ڄڃ ۾ شامل سيد غلام حسين خان (ڪوٽ ڏجي وارو)، مير علي ڏنو خان (جيڪو مير محمد مراد خان جو پٽ، مير ناز جو سوٽ ۽ سالو هو) پڻ شامل هئا. مون ذاتي طور مير علي ڏني خان ڪان پڇي تصديق ڪئي هئي.[17]

مير امام بخش ٽالپر ٻڌايو ته، "مير ناز جي شاديءَ ۾ ڪلڪتي جي مشهور ڳائڻي گوهر جان، ڪلڪتي مان خاص طور خيرپور گهرائي وئي هئي، پر ڪن حاسدن جي پڙڪائڻ تي ته، مير ناز کي جيڪا ڳائڻي وڻندي آهي، ان کي هو ويهاري ڇڏيندو آهي ۽ واپس نه موڪليندو آهي ته، هوءَ روهڙيءَ مان ئي واپس هلي وئي."[18]

پير علي محمد شاهه راشدي پنهنجي ڇاپايل ڪتاب 'اهي ڏينهن اهي شينهن' ۾ پڪ سان شاديءَ جو سن به نه لکيو آهي، حالانڪ اها شادي پڪ سان 1923ع ۾ لاهور ۾ ٿي هئي.[19]

پير علي محمد شاهه راشدي، پنهنجي ڪتاب ۾ شاديءَ جو جيڪو منظر پيش ڪيو آهي، اهو ڏاڍو دلچسپ آهي. هو لکي ٿو ته، "مير علي نواز ناز جي زماني جو هڪ جشن مون ڪان ڪڏهن ڪونه وسرندو. اهو جشن مير صاحب جي باليءَ سان شاديءَ واري موقعي تي ٿيو. سال پوري طرح ياد نه اٿم، پر شايد 1923ع يا 1924ع آهي. باليءَ سان مير صاحب جي عشق جو ڪهڙو عالم هو، تنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. وڏي محنت ۽ شفقت بعد وڃي بالي ۽ سندس ٻائر (بگو خان ۽ فيروز خان) فيروز سندس ٻائٽيو هو[20] شاديءَ جي ڳالهه قبول ڪئي، جڻ مئي مڙهه ۾ ساهه پئجي ويو. مير صاحب دل کولي خرچ ڪيو. مهمانن لاءِ ڪئمپون لڳي ويون. گرميءَ جو زمانو هيو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تنهن ڪري ڪڪائون لانديون ٺاهيون ويون، جن تي پاڻي اڇلايو ويو ته جيئن ٿڌيون رهن. خيرپور ريلوي اسٽيشن واري ڦاٽڪ کان وٺي شهر تائين ان زماني ۾ ميدان ئي ميدان هوندو هو. اهو سارو ميدان لانڊين ۽ ڪئمپن سان ڀريو ويو. مير صاحب جي پنهنجي رهائش ۽ شاديءَ جي مجلس لاءِ خاص لانديون پڻ انهيءَ ميدان ۾ ٺاهيون ويون. طوائفن جي رهائش لاءِ هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جون عمارتون خالي ڪرايل هيون. اٽڪل 80 کن طائفا لاهور، امرتسر، دهلي ۽ بمبئي منجهان اچي ويا. هاءِ اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جي ڪنڊ ڪڙڇ مان طبلن جي ٿاڦ ۽ سارنگن جي رون رون ٻڌڻ ۾ ٿي آئي. سموري خيرپور چڻ لاهور جي هيرامنڊي بڻجي وئي هئي. ماڻهن جا ڳاهٽ هئا. هر مهمان جي لانديءَ ڏانهن هڪ طائفو روانو ٿي ڪيو ويو، اها ورهاست شام ويلي پئي ٿي. تماش بين ساري هندستان مان ڇڄڪي اچي خيرپور ۾ جمع ٿيا هئا. ناچ، گانا، آتشبازيون، جادوءَ جا ڪيل، مشاعرا، قصيده خوانيون غرض ته عيش ۽ تفريح لاءِ جيڪا شيءِ تصور ۾ اچي ٿي سگهي، سا موجود هئي. ڪيترا وڏا ماڻهو ۽ عملدار به دعوت تي آيل هيا. جناب پير صالح محمد شاهه صاحب راڻيپور وارو، مرحوم حڪيم مولوي محمد صادق صاحب راڻيپور وارو ۽ هز هائنيس مير نور محمد خان مرحوم حيدرآباد وارو مون پهريون ڀيرو اُتي ڏٺا. مرحوم خان بهادر الله بخش (جيڪو 1938ع ۾ جدا سنڌ جو چيف منسٽر بڻيو) منهنجي پهرين واقفيت ان موقعي تي ٿي. شام جو منهنجي پنهنجي رهڻ واري جاءِ تي گاني جو انتظام ٿيو. گاني واري هئي مختيار بيگم امرتسري، جنهن اڳتي هلي وڏو نالو پيدا ڪيو. اجا سندس اوائلي زمانو هيو، سندس حسن ۽ جواني واري ٻوٽي ڪي تاهنوز ڪوسو واءُ نه لڳو هو.[21] هڪ ٺمري خاص مزي سان ڳاياين:

"میں تم سے ناہیں بولوں رے"

بمبئيءَ مان هيراٻائيءَ نالي هڪ طوائف آيل هئي، جنهن جا وار ايترا ڊگها هئا جو اُڀي قد بيهي (قد ڪاٺ جي به ڪافي ڊگهي هئي) وارن جون مُڇون ڪڙين هيٺيان ڏيئي ڇڏيندي هئي. مجلس هلندي خزانو خالي ٿي ويو. ڪيترن ڏينهن تائين پنهنجي فين وصول ڪرڻ خاطر طوائفن ڪي خيرپور ۾ رهي ڏڪا ڪائڻا پيا."

مير ناز جي شاديءَ جي ڪهاڻي، جيڪا شيخ عزيز پنهنجي ڪتاب *'سندھ کی محلاتی داستانیں'*[22] ۾ ڏني آهي، اها سموري ڊرامائي آهي، جنهن جو تاريخ سان ڪو به





واسطو ڪونهي. ساڳي طرح ڪي. ٽي. اين تي ممتاز بخاريءَ جي سيريل 'بالي' کي پڻ ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪري حقيقت کان پري رکيو ويو آهي، جنهن جو حقيقتن سان ڪو تعلق ئي نٿو جڙي، ڇاڪاڻ ته بالي رقاصه ڪانه هئي ۽ نچندي نه هئي.

## باليءَ جو آواز:

مير امام بخش خان ٽالپر (ڪوٽ بنگلو) ٻڌائي ٿو ته "پاڻ جڏهين پڙهندو هو، باليءَ وٽ ئي رهندو هو، ته بالي ان دور ۾ پنجابي لهجي ۾ سنڌي ڳالهائيندي هئي. هڪ ڏينهن مون امان باليءَ کي چيو ته، امان اڄ ڪو غزل ٻڌايو، جنهن تي هن چيو ته گهڻا ڏينهن ٿيا آهن، هاڻي مان ڳائڻ ڇڏي ڏنو آهي. مون ڪيس اجا وڌيڪ ايلاز ڪيا ته، امان اڄ ڪجھ نه ڪجھ ٻڌايو. پوءِ هن غالب جو غزل *'آہ کو چاہیے اک عمر اثر ہونے تک'* ٻڌايو. سندس آواز ۾ ايترو ته سُر ۽ سوز هو، جو اڄ ڏينهن تائين منهنجي ڪنن ۾ اهو غزل ٻُري ٿو ۽ مان نٿو سمجهان ته، ڪو ايترو سريلو آواز مون ڪڏهن ٻيو ڪو ٻڌو آهي.[23]

مير امام بخش ٽالپر ٻڌائي ٿو ته، "31 جولاءِ 1966ع ۾ ڪوٽ بنگلي ۾ منهنجي شادي ٿي. ان موقعي تي امان بالي آئي هئي. ان سان گڏوگڏ سندس ڀائٽيا اقبال ۽ حفيظ ۽ ڀائٽي 'بلو' گڏ هئي. باليءَ سان اڪثر ڪري اهي ٽئي گڏ هوندا هئا. ان وقت هن مون کي مبارڪي طور پنج سؤ روپيا ڏنا ۽ ڏاڍي خوش ٿي. هوءَ گهرياتين ۽ ٻين مهمانن سان ملي هلي ويئي ۽ مون کي منهنجي شاديءَ تي دعائون ڏيندي ڏاڍي خوش ٿي."[24]

## مير ناز ۽ باليءَ جو معاهدو ـــ دستاويز جو ترجمو:

هز هائينس مير علي نواز خان، مير آف خيرپور (پهرين ڌر) هر هائينس اقبال بيگم، جونيئر بيگم آف خيرپور (ٻي ڌر) 27 جون 1929ع، باقاعده شاديءَ جي موقعي تي، پهرين ڌر پاران فرمان جاري ڪيو ويو هو، ٻئي ڌر جي حق ۾:

- پهرين ڌر کي بيگم آف خيرپور جي حيثيت ۾، مڪمل اعزاز ۽ مانُ حاصل هوندو. بنا ڪنهن جهل پل جي ڪيس پيسا، زيور، جاگير ۽ ٻي ملڪيت تي مالڪي حاصل هوندي، جيڪا ڪيس پهرين ڌر سوکڙيءَ طور پيش ڪندي.

- پهرين ڏر هڪ لک روپيا سرڪاري ضمانت طور ٻئي ڏر جي نالي ۾ جمع ڪرائيندي ۽ ماهوار اٺ هزار روپيا، سرڪاري خزاني مان، ٻي ڏر کي ذاتي خرچ پکي لاءِ ڏنا ويندا. ٻي ڏر جيڪڏهن، هل اسٽيشن وڃڻ يا ڪنهن ٻي جاءِ گهمڻ ڦرڻ لاءِ خواهش ظاهر ڪندي ان لاءِ پهرين ڏر سهولتون ۽ وسيلا مهيا ڪندي، جنهن لاءِ برطانوي سرڪار کان پڻ فرمان جاري ڪرايا ويندا.

- ٻي ڏر سان پهرين ڏر جي شاديءَ جي موقعي تي عزت، احترام ۽ وقار جو خيال رکيو ويندو ۽ ڪيس بيگم آف خيرپور جي حيثيت ڏني ويندي. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين ۾ ڪي ويڇا پيدا ٿيا ته ٻي ڏر کي سندس گهر لاهور موڪليو ويندو ۽ سندس اهنج دور ڪيا ويندا، ڪيس پورا حق ڏنا ويندا، غلط فهميون دور ڪيون وينديون. ٻئي ڌريون ان صورتحال ۾ متفق آهن ته، گڏيل طور اڳتي لاءِ هيٺيان اُپاءَ ورتا ويندا:

1. ٻي ڏر لاهور ۾ رهندي، جنهن لاءِ ڪيس ذاتي طور گهمڻ ڦرڻ جي آزادي هوندي. ڪيس اها به آزادي حاصل هوندي ته، ڪنهن به جاءِ تي پنهنجي مرضيءَ سان وڃي سگهندي. جتي به رهڻ جي خواهش هوندي، رهي سگهندي، جنهن لاءِ پهرين ڏر، ان جا عملدار ۽ نوڪر ڪا رنڊڪ نه وجهندا، نه اهي ٻي ڏر جي ذاتي آزاديءَ ۾ ڪا رڪاوٽ پيدا ڪندا. انهن جي مٽن مائٽن ۽ نوڪرن تي ڪائي پابندي نه هوندي.

2. پهرين ڏر مناسب ضرورتون پوريون ڪندي. ٻي ڏر جي مائٽن کي لاهور ۾ رهائش جون سهولتون فراهم ڪندي، جنهن موجب لک روپين جي قيمت کان گهٽ واري جاءِ نه هوندي، جنهن ۾ هر شيءِ مهيا ڪري ڏني ويندي ۽ جيڪا ٻي ڏر جي نالي تي خريد ڪئي ويندي. ٻي ڏر کي اها به آزادي هوندي ته، هُوءَ لاهور ۾ پنهنجي گهر يا جتي به مناسب سمجهندي، رهي سگهندي.

3. شاديءَ جي موقعن تي يا مختلف موقعن تي، پهرين ڏر جيڪي ڳهه، ڪپڙا، سون وغيره پيش ڪندي، اهي ٻي ڏر جي ملڪيت هوندي. ٻي ڏر





کي ان کي وڪڻ يا ڪنهن کي ڏيڻ جا پورا اختيار حاصل هوندا.

4. پهرين ڏر جيڪي ملڪيتون، جنهن ۾ زمين، گهر، باغ، جاگيرون، زمينن جي گرانٽس، يا جيڪي ڪجهه ٻي ڏر کي ڏيندي، اها ٻي ڏر جي ملڪيت ليکي ويندي، جنهن جا سڀ اختيار ٻي ڏر کي حاصل هوندا.

5. پهرين ڏر وقت به وقت ٻي ڏر لاءِ چاليهه هزار روپيا، ٻي ڏر جي نالي تي، خيرپور رياست جي خزاني ۾ جمع ڪرائيندي رهندي. پهرين ڏر جيڪي سوکڙيون ڏيندي، اهي سڀ ٻي ڏر جي ملڪيت هونديون، جنهن ۾ زمين ۽ ٻيو سڀ ڪجهه شامل هوندو. ٻي ڏر کي ان جا مالڪاڻا حق حاصل هوندا ۽ پهرين ڏر جي ان کان پوءِ انهن تان مالڪي ۽ اختيار ختم ٿي ويندا.

6. پهرين ڏر سال جي اندر ٻي ڏر کي لک روپيا حق مهر ادا ڪندي، جيڪا سندس ملڪيت هوندي.

7. ٻي ڏر کي ڪنهن ملازم رکڻ ۽ ڪيترا به ملازم رکڻ جا اختيار هوندا، جن کان هو ڪهڙا به ڪم وٺي سگهندي، جنهن ۾ پهرين ڏر يا ان جا عملدار ۽ ملازم رنڊڪ نه وجهندا.

8. پهرين ڏر کي ڪنهن به وقت، ٻي ڏر وٽ اچڻ وڃڻ جي اجازت هوندي، بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي. پهرين ڏر کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن نوڪرن سان اندر اچڻ وڃڻ جي آزادي هوندي.

9. ٻي ڏر کي پهرين ڏر وٽ اچڻ، گهٽو رهڻ جو اهتمام ڪرڻو پوندو، ان کي خوش رکڻ لاءِ نوڪرن سميت سهولتون حاصل هونديون.

10. ٻي ڏر کي وفاداريءَ جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. جڏهن به پهرين ڏر، ٻي ڏر وٽ ايندي.

11. ٻي ڏر کي مائٽن، نوڪرن، ايجنٽ کي اچڻ وڃڻ ۽ رهڻ جي آزادي هوندي. ٻي ڏر کي بلڊنگ ۾ سهولتون فراهم ڪرڻيون پونديون.

12. ٻي ڏر کي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ، سپرنٽنڊينٽ پوليس يا سرڪار جي ٻين نمائندن وقت کو زور بار نه رکرايو ويندو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهدن جي موجودگيءَ ۾ هي دستاويز ٺاهيو ۽ صحيح ڪيو ويو 2 جولاءِ 1929ع.

| | |
|---|---|
| **صحيح** | **اقبال بيگم** |
| **مير علي نواز خان** | **جونيئر بيگم آف خيرپور** |
| **شاهد** | **محمد حاڪم حمايتي** |
| **فقير محمد** | |

رجسٽريشن ڪوٺي نمبر 30، ٽيمپل روڊ لاهور،
هز هائينس مير علي نواز خان، مير آف خيرپور،
لاهور، 1929ع جولاءِ 2، اڱارو، شام جا 6.
رجسٽر تي 1929ع، جولاءِ 8 تي، بڪ نمبر 4 ۾ 102 جي صفحي نمبر 257-264.

**نوٽ:** هي ٺاهه زباني طور شاديءَ جي موقعي تي ڪيو ويو هو، پر بعد ۾ گهٽ مسئلن ۾ اختلافن ڪري، انهن کي دستاويزي شڪل ڏئي رجسٽرڊ ڪيو ويو، جيئن بالي ۽ ان جي خاندان کي رياستي تحفظ ملي سگهي.

لکت ۾ ان ٺاهه ڪان پوءِ مير ناز، بالي ۽ ان جي خاندان طرفان رکيل شرط مڃيا ويا ۽ هن باليءَ تي پنهنجي ملڪيت، جاگير ۽ زمينن جو مينهن وسايو ۽ باليءَ کي گهڻا پيسا ۽ ڳهه ڏنا. سندس ڀاءُ غلام محمد عرف ميان بگو اڃا وڌيڪ رياست جو پيسو ضايع ڪرڻ لڳو. مير علي نواز ناز خزاني جي در کولي ڇڏيا. ميان بگو پنهنجي ڀيڻ معرفت مير ناز کان نه صرف پيسا ڦُريندو هو، بلڪ هو باليءَ کي مير ناز خلاف ڀڙڪائيندو رهندو هو، جنهن ڪري جوانيءَ ۾ بالي هڪ طرفي محبت جو مزو ورتو.[25]

باليءَ جي ڀاءُ ميان بگو جي فرمائشن، فضول خرچن ۽ مطالبن جي ڪري رياست خيرپور جو خزانو خالي ٿي ويو. جڏهن مير ناز کين پيسا نه ڏيندو هو ته هو باليءَ کي لاهور وٺي ويندا هيا. رياست جي خزاني خالي ٿيڻ ڪان پوءِ برٽش سرڪار پنهنجو وزير 'مسٽر ٽانٽن' مقرر ڪيو، جيڪو پيسن جي ضايع ڪرڻ تي اعتراض واريندو هو.[26]

برٽش سرڪار ميجر مير غلام علي خان ٽالپر کي گهرايو. مير غلام علي ٽالپر، پهرين مهاڀاري جنگ 1914ع کان 1919ع تائين انگريز فوج جي ڪمانڊ ڪئي. هن رضاڪاراڻه طور ڪم ڪيو. هن وائيس راءِ کي پنهنجي سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا.





انگريز سرڪار کيس برطانوي شهريت ۽ ٻين سهولتن ڏيڻ جي آڇ ڪئي. هن جي گذارش تي انگريز سرڪار رياست لاءِ لک روپيا اوڌر طور گرانٽ ۾ ڏنا، جنهن کان پوءِ ناراض ٿي، مسٽر ٽانٽن گرانٽ تي اعتراض ڪيو ۽ استيعفا ڏيئي هليو ويو، جنهن کان پوءِ برٽش سرڪار مسٽر سيلڊن کي وزير مقرر ڪيو، جنهن رياست لاءِ مير ناز جا مالي اختيار ختم ڪري ڇڏيا. مير ناز ان تي احتجاج ڪيو. هن برٽش سرڪار کي چيو ته، هو اسٽيٽ واپس وٺي. اهڙي صورتحال ۾ رياست اندر پيسو نه ڏسي، باليءَ جو ڀاءُ ميان بگو، باليءَ کي واپس لاهور وٺي ويو.

1930ع يا 1931ع ڌاري بعد ۾ مير علي نواز ناز، بمبئي جي گورنر سان مليو. هن گورنر کي شڪايت ڏني ته، بالي هن جي زال آهي، جنهن کي ان جا ڀائر ورغلائي وٺي ويا آهن. هوءَ پيسا ۽ زيور پڻ کڻي ويئي آهي، جنهن جو ذڪر ڪتاب 'وڏن ماڻهن جو عشق' ۾ هن طرح سان ڏنو ويو آهي.[27]

"غالباً مئي 1929ع جي شروعات ۾ جڏهن مير صاحب بمبئي ۾ هو ته، هڪ ڏينهن مير صاحب جي غير حاضريءَ ۾ موقعو ڏسي بالي فرار ٿي وئي. بالي بمبئي پوليس جي ڪمشنر کي درخواست ڏني ته مون کي جان جو خطرو آهي، ان ڪري منهنجي حفاظت ڪئي وڃي، جنهن ڪري ڪمشنر پوليس بالي کي حفاظت سان لاهور پهچائي ڇڏيو.

سچ يا ڪوڙ چيو وڃي ٿو ته، ان وقت بالي لڳ ڀڳ ڇهن لکن جا زيورات ۽ جوهرات ساڻ کڻي وئي هئي. مير صاحب هڪ خط لکي سڄو داستان، بمبئي جي گورنر جي گوش گذار ڪيو. ظاهر آهي ته، هن خط ۾ ڪيترائي دلچسپ تفصيلات موجود نه آهن، ڇوته انهن کي قلمبند ڪرڻ جي ضرورت نه هئي ۽ نه ئي وري موقعو هو، تنهن هوندي به مير صاحب جي آتم ڪٿا ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جي قابل آهي.

هز هائنس مير علي نواز خان گورنر بمبئي کي هيٺيون خط لکيو هو.

"مان جڏهن پهريون ڀيرو بالي کي ڏٺو ته، هن جي محبت ۾ ديوانو ٿي ويس، جنهن جو نتيجو هي ٿيو، جو مان ڪيترين ئي مشڪلاتن ۽ اخراجات برداشت ڪرڻ کان پوءِ هن سان خفيه شادي ڪئي ۽ هوءَ مون سان خيرپور ۾ رهڻ تي رضامند ٿي. بالي کي اهڙي طرح خفيه رکڻ مان منهنجو مقصد هي هو ته، بمبئي سرڪار مون کان ناراض نه



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿئي، ۽ نہ وري منهنجا پهرين بيگم سان تعلقات ناخوشگوار نہ ٿين. ڪجھ عرصي کان پوءِ بالي جي ماءُ لاهور ۾ گذاري وئي ۽ هن درخواست ڪئي تہ هن جي ماءُ جي سوڳ ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ لاهور وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي. مان اها اجازت وڏي خوشيءَ سان ڏني ۽ عزت ۽ وقار جو خيال رکندي ڪيترائي جواهر ۽ نوڪر گڏائي موڪليا.

جڏهن بالي لاهور پهتي، تہ جواهرات کي ڏسي هن جي مائٽن جون اکيون کليل جو کليل رهجي ويون ۽ انهن سڀ ڪجھ هضم ڪرڻ جو پڪو پھ ڪيو، جنهن ڪري انهن باليءَ کي واپس موڪلڻ کان انڪار ڪيو. ان جو مقصد هي هو تہ بالي لاهور ۾ رهي، تہ جيئن تمام جواهرات بالي کان ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان حاصل ڪري سگهجن. ڪجھ عرصو مان ڪوشش ڪندو رهيس تہ بالي خيرپور ۾ اچي پر هوءَ نہ آئي. آخرڪار مان پاڻ لاهور ويس ۽ هن کي واپس اچڻ تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، پر افسوس جو منهنجي اها ڪوشش بہ ناڪام وئي. آخر اٺن مهينن جي عرصي ۾ جڏهن اهي جواهرات ٺڪاڻي لڳي چڪا، تہ بالي بمبئي پهتي ۽ اتان کان منهنجي سابق وزير شيخ محمد قادر جي ۽ پاءُ معرفت پيغام موڪليو، تہ مان خيرپور اچڻ لاءِ تيار آهيان.

مون بالي ۽ سندس مائٽن جون سڀ خطائون معاف ڪري ڇڏيون ۽ بمبئي وڃي هن کي پاڻ سان گڏ خيرپور وٺي آيس. خيرپور ۾ پهچڻ کان پوءِ مان پنهنجن دوستن ۽ خيرخواهن جي راءِ مطابق باليءَ سان اعلانيہ شادي ڪئي. هن شادي ۾ مائٽن، بلوچ سردارن ۽ برطانوي آفيسرن شرڪت ڪئي. هن شاديءَ تي منهنجا لکين روپيا خرچ ٿي ويا. گذريل ٽن چئن سالن ۾ باليءَ جي مائٽن جنهن بي رحميءَ سان زيورات ۽ جواهرات ڪاڏا ۽ هضم ڪيا، ان کان پنجاب جو هر هڪ ٻار ۽ لاهور جي پوليس چڱي ريت واقف آهي.

انهن ماڻهن باليءَ کي اهو چئي جواهرات حاصل ڪيا تہ جيڪڏهن خدانخواستہ مير صاحب گذاري ويو تہ رياست خيرپور تمام جواهرات کانئس کسي وٺندي، ان ڪري بهتر ٿيندو تہ انهن جواهرات کي لاهور ۾ ئي محفوظ رکيو وڃي. هي لالچي ۽ چالاڪ ماڻهو پنهنجي چالاڪيءَ ۾ ڪامياب ويا ۽ اڄ تائين هنن سٺن اٺن لکن روپين جا جواهرات انهيءَ طريقي هضم ڪري ڇڏيا آهن. هي جواهرات انهن لاهور جي





شاهوڪار ماڻهن وٽ گروي رکيا آهن ۽ اتان پيسو وٺي فضول خرچي ۾ ضايع ڪري رهيا آهن.

هڪ دفعي مسٽر اوٽو آءِ سي ايس، باليءَ جي انهن مائٽن کي سڏائي ڌمڪي ڏني هئي تہ هو رياست جا سرڪاري جواهرات وٺي مجرمانہ خيانت جا مرتڪب ٿي رهيا آهن ۽ انهن حرڪتن جي ڪري قيد ٿي ويندا. ان تي هي ماڻهو ڏاڍا گهٻرائجي ويا، پر بالي مون کان انهن جون خطائون معاف ڪرڻ جي لاءِ چيو ۽ مان بہ ان خيال کان خاموش رهيس تہ شايد هي جواهرات واپس ڪندا، پر باليءَ جي مائٽن جواهرات واپس ڪرڻ جي بجاءِ شراب پي ڪري، باليءَ کي ڊيڄاريندا رهيا ۽ جيتري قدر ممڪن ٿيندو هو، ان کان پيسا ۽ جواهرات ڪسيندا رهيا. مان انهن حالتن مان تنگ اچي ويو هوس. آخرڪار مان انهن حالتن کان مجبور ٿي، ڪائونسل جي ميمبر بهادر سر اسرار حسن خان ۽ ٻين مشيرن جي راءِ سان باليءَ جي مائٽن کي رياست مان ڪڍي ڇڏيو ۽ هو خيرپور کان پندرهن ميل پري انگريزي علائقي سکر ۾ رهڻ لڳا. اتي ئي باليءَ جي پاءُ جي گهر ڇوڪري پيدا ٿي، وري بالي انهن جي سفارش ڪئي ۽ مان سندس مائٽن کي واپس خيرپور اچڻ جي اجازت ڏني.

باليءَ جي مائٽن هاڻي بہ منهنجي مهربانيءَ ۽ محبت جو قدر نہ ڪيو، ايترا دفعا معافي حاصل ڪرڻ کان پوءِ انهن جي عادتن ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو، جنهن ڪري هي حقيقت آهي تہ گذريل سال چيمبر آف پرنس جي اجلاس جي موقعي تي بعض ماڻهن دهلي ۾ منهنجي زندگي ختم ڪرڻ جي رٿ رٿي، پر خوشقسمتيءَ سان مون کي ان سازش جي خبر بروقت پئجي ويئي ۽ منهنجي زندگي بچي وئي. مان هن سازش جو باليءَ سان ذڪر ڪيو ۽ ڪيس لکت ۾ ثبوت بہ ڏيکاريا، پر هن کي يقين نہ آيو ۽ اهو چئي ٽاري ڇڏيائين تہ هيءَ سڀ دشمنن جي ڪارروائي آهي ۽ ان جو مقصد صرف اهو آهي تہ جيئن منهنجا مائٽ تنهنجي نظرن ۾ ڪري پون.

وري هن سال چيمبر آف پرنس جي اجلاس جي موقعي تي باليءَ جا مائٽ منهنجي اجازت کان سواءِ دهلي پهچي ويا ۽ بمبئي گڏجي آيا. هن سفر ۾ بہ مان انهن کي تقريباً پنجويهہ هزار روپيا ڏنا، هن مان اندازو ٿئي سگهي ٿو تہ مون کي باليءَ سان ڪيتري قدر محبت هئي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

باليءَ لاءِ ڪيتريون ئي من گهڙت ڳالهيون هُلايون ويون آهن ته، هوءَ ميلن ۾ ڳائيندي هئي ۽ راڻيپور جي ميلي ۾ به شريڪ ٿي هئي، پر مير امام بخش ٽالپر ۽ سندس پائٽيو حفيظ بٺ چون ٿا ته، باليءَ ڪڏهن به ڪنهن به ميلي ۾ نه ڳايو ۽ نه ئي وئي. هن ڪڏهن به لاهور واري گهر کان سواءِ ٻئي هنڌ نه ڳايو. مير ناز سان شاديءَ کان پوءِ هن ڳائڻ بند ڪيو ۽ هز هائينيس کي انجواءِ ڪيو.[28]

باليءَ جو رُسي لاهور وڃڻ، اڪثر پيو ٿيندو هو،جنهن کي مير ناز، ايلاز منٿون ڪري، مجائي واپس وٺي ايندو هو. باليءَ کي جڏهن اهو شڪ ٿيو ته، مير ناز پاڙيسري عورت (مائي ستڻ) سان عشق ٿو ڪري ۽ ٻيو ته محلاتي سازشن جي ڪري باليءَ کي زهر ڏيڻ جو پلان ٺاهيو ويو آهي، ته هوءَ مير سان نه پرتي ۽ ڪيس جواب مليو ته، هوءَ هاڻي خيرپور واپس نه ويندي، جو هن جي زندگيءَ کي خطرو آهي ۽ مير ناز جي محبت به ورهائجي وئي آهي.

ٻئي پاسي مير ناز هو، جنهن جي دل ۾ طوفان هيو. هن پڪو پهه ڪيو ته، هو باليءَ کي پرچائي وٺي ايندو، ان لاءِ هن خيرپور مان هڪ ٽرين ذريعي لاهور پهتو.

### باليءَ جو رُسامو:

ميان بگو، دولت حاصل ڪرڻ لاءِ باليءَ کي هٿيار بڻايو ۽ هو مير ناز جي محبت کي ڪيش ڪندو رهيو. ممتاز بخاري مطابق ڪلڪتي ۾ هڪ بنگالي ناريءَ سان مير ناز جو عشق ٿيو.[29] ميان بگو اچي باليءَ کي پڙڪايو، جنهن ڪري بالي هن دفعي پرچڻ لاءِ تيار نه هئي ۽ مجبور عاشق مير نواز ڪيس پرچائڻ بنا تڙپندو رهيو. هن پيري مير ناز کي وڏو اهتمام ڪرڻو پيو ۽ خاص ريل ذريعي هو روانو ٿيو. ان ريل ۾ تمام اهم ۽ وڏا ماڻهو شامل هئا، جيڪي ميڙ وٺي لاهور پهتا، انهن ۾ پير محمد صالح شاهه، سر شاهنواز ڀٽو، محمد حسن سيال، سردار غيبي خان چانڊيو، ڄام ڪانيو خان، سيد الهندو شاهه، سيد غضنفر علي شاهه، محمد لائق ڳاهو (نذر محمد ڳاهو جو ڏاڏو) ۽ ٻيا ڪيترائي معزز ماڻهو شامل هيا.[30]

جڏهن اها ريل لاهور پهتي ۽ بالي انهن جي عزت ڪندي پرچي پيئي ۽ مير ناز سان واپس خيرپور هلي آئي. ماضيءَ جي تاريخ ۾ ميڙ وٺي، هن طرح سان پيار پرچائڻ





جو نه اڳ ڪو مثال آهي ۽ نه ئي پوءِ ڪو ٿيو آهي، جيڪو عاشقن جي امام مير علي نواز ناز ڪيو.

### بالي ۽ بازار حسن (هيرامنڊي):

پاڪستان ۾ بازارِ حسن جي نالي سان ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، جنهن ۾ ان وقت جي ڳائڻين ۽ ناچڻين جا تفصيل ڏنل آهن ۽ سيني معروف ۽ مشهور طوائفن جو ذڪر آهي. ان سلسلي ۾ هي ڪتاب:

1. *بازارِ حسن سے پارلیامنٹ تک*
2. *بازارِ حسن، مصنف: سعود احمد، مون پبلیکشن، لاہور، 1994ع*
3. *پاکستان میں جسم فروشی، مجاہد حسین، نگارشات لاہور، 2001ع* عام آهن ۽ مارڪيٽ ۾ موجود آهن.

انهن ڪتابن ۾ طوائفن جا نالا، ذڪر، فلمي صنعت جون پراڻيون ۽ نيون ناليوارين اداڪارائن جا تفصيل موجود آهن، پر ڪنهن به ڪتاب ۾ باليءَ جو ذڪر ڪونهي، جنهن مان اهو محسوس ڪري سگهجي ٿو ته، اقبال بيگم عرف بالي هڪ عام طوائف هئي، جنهن جو پروفائيل ئي موجود نه آهي، پر ايڏي رتبي تي پهچڻ کان پوءِ به پنهنجي علائقي ۽ پاڙي ۾ ڪا هاڪ ڌاڪ نه هئي. مان سندس ڪوٺي ڳولهڻ لاءِ لاهور جي 'شاهي پاڙي' عرف هيرامنڊيءَ ۾ ويو آهيان ۽ گهڻي ڪوشش کان پوءِ به ڪو تصديق ٿيل گهر ڳولهي نه سگهيو آهيان.

ٽي وي ڊرامي باليءَ جي ليکڪ ممتاز بخاري پنهنجي انٽرويو ۾ ٻڌايو ته، باليءَ سان گڏ سندس خاندان جون به عورتون شيرين ۽ فريده گڏ هونديون هيون، جيڪي بگي جي هدايتن تي هلنديون هيون ۽ اهي ڪيس مير ناز کي پڙڪائڻ ۽ سِڪائڻ جا گُر ٻڌائينديون هيون ۽ ڪيس صلاحون ڏينديون هيون.

هن اهو به ٻڌايو ته، ڊرامي لاءِ مون مختلف شخصيتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. لاهور ۾ مختلف حوالي سان ماڻهن سان به مليس، جن ٻڌايو ته، بالي، جمال لغاريءَ سان به عشق ڪندي هئي، جيڪو ديره غازي خان جي لغارين مان هيو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ممتاز بخاري اهو بہ ٻڌايو تہ، هن وقت رڳو ماڻهن جا ٺيل ريفرنس آهن، پوءِ اهي سچا آهن يا ڪوڙا، اها انهن جي ٺي ذميواري آهي. هن چيو تہ، دلشاد منزل جي ڀتين تي باليءَ جو تصويرون اُڪريل هيون، جيڪي جاءِ جي ڪپي وڃڻ کان پوءِ، نون مڪينن ڊاهي ڇڏيون. ممتاز بخاريءَ موجب تہ فيض محل ۾ پڻ باليءَ جي هڪ وڏي تصوير آهي، جنهن کي مير ڏڪيون وينا آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ، اها بہ مٽائي ڇڏي وئي هجي، جو فيض محل ۾ رهڻ وارا باليءَ سان تمام گهڻي نفرت ڪندا آهن. هن ٻڌايو تہ، مير ناز جي خاص ملازم ٻڌايو تہ، باليءَ جي شادي ءَ جي جشن واري پروگرام ۾ شامل ٿيندڙ طوائفن تي بہ مير ناز عاشق ٿيو هو. بخاري اهو بہ اقرار ڪيو تہ، ڊرامي باليءَ ۾ ڏھ سيڪڙو بہ انصاف نہ ٿيو آهي ۽ ان ۾ افسانوي رُخ بہ شامل آهي.(31)

ٽي وي ڊرامي باليءَ جي ليکڪ ممتاز بخاري ٻڌايو تہ، ميان بگو، بالي وسيلي مير ناز کي لٽيندو رهيو ۽ ان کي اچي ان منزل تائين پهچايو جو مير ناز، لاهور جي ريلوي اسٽيشن تي ويٺو هوندو هو، ان وٽ پيسا ئي نہ هوندا هئا. بالي، مير وٽان پيسا لُٽي، اچي پنهنجن ڀائرن کي ڏيندي هئي. هوءَ ڀائرن لاءِ سوني جهرڪي هئي.

ممتاز بخاريءَ مطابق مير امام بخش (مير ناز جو والد)کي سون گڏ ڪرڻ جو شوق هوندو هو. مير علي نواز ناز وٽان مٽين گڏ ڪيل سون، باليءَ جو ڀاءُ غلام محمد ڪٽي ويو. بالي ٿوري ٿوري ڳالهه تي رُسي ويندي هئي ۽ پوءِ مير علي نواز کي تڙپائڻ ۽ وڏن ايلازن کان پوءِ پرچندي هئي. مير ناز جي هن سان دل هوندي هئي، ڄڻ تہ باليءَ جي بُت ۾ مير ناز جو ساهہ هوندو هو. عاشق پرور حڪمران مير علي نواز ناز، باليءَ جي ڀاڃي ۾ رهڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو هو، اهوئي سبب آهي، جو هن جي شاعريءَ ۾سڀ عڪس موجود آهن. خبر ناهي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هن کي ڇا ٿيو، جو هن خيمي ۾ ايندڙ باليءَ سان ملڻ کان انڪار ڪندي، مير الله ڏني کي چيو تہ، ”ڪيس چيو وڃي تہ اسان بيوفا سان نہ ملنداسين“ ۽ پوءِ ان وقت ئي هن مان ساهہ بہ پرواز ڪري ويو. باليءَ کي مرڻ کان پوءِ مير سان محبت ٿي.(32)

ممتاز بخاري ٻڌايو تہ، لاهور ۾ صحافي ۽ اديب مجاهد حسين ساڻس مليو هيو، جنهن ڪتاب ۾ 'بازارحسن جا دلال' نالي مضمون شامل آهي، ۾ لکيو آهي تہ، ”هيرامنڊيءَ جي مشهور دلالن ۾ ميان بگو ۽ فيروز پڻ شامل آهن.“





بالي، بازارِ حسن جي هڪ عام ڇوڪري هئي، جنهن جي ان وقت عمر 15-16 سال هئي ۽ مير جي عمر ان وقت ڪانئس ٻيڻ تي هئي. سندس خاندان ۾ باليءَ کان اڳ ۽ باليءَ کان پوءِ وري ڪا نالي واري عورت نہ ٿي.(33)

ممتاز بخاري ٻڌايو تہ، جڏهن مان ماڻهن کان باليءَ لاءِ حال احوال وٺندو هيس، تڏهن خبر پوندي هئي، تہ ڊي آءِ جي پوليس سلطان خواجہ پڻ ماڻهن کان تفصيل وٺي ٿو ۽ پوءِ اهو شعر لکي ٿو. خبر ناهي سلطان خواجہ صاحب اهو ڪم ڇو لڪايو آهي ۽ منظرعام تي ناهي آندو. مون جڏهن کوجنا شروع ڪئي، تڏهن خبر پئي تہ سلطان خواجہ صاحب 'سُر بالي' شاعري بہ ڪئي آهي، جيڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ڇپي بہ آهي.

اقبال بيگم عرف باليءَ جي حُسن جي هاڪ هر هنڌ هئي. هوءَ جڏهن ناز جي حويليءَ ۾ آئي، تڏهن بہ هن رتبو ۽ مرتبو اعلىٰ رهيو. بالي رياست جي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪندي هئي، نہ ئي مير ناز جي خانداني مسئلن ۾ پاڻ کي ملوث ڪندي هئي. هوءَ جيئن تہ ميان بگوءَ جي چئي ۾ هوندي هئي، ان ڪري سندس اشارن تي هلندي هئي ۽ ميان بگوءَ جي حياتيءَ جو مقصد مير جو مال ڳڙڪائڻ هو.

حفيظ جالنڌري، مير ناز جو درٻاري شاعر هو. هن جڏهن 'رقاصہ' نظم لکيو تہ، مير ناز هن کان ناراض ٿيو ۽ ڪيس درٻار مان نيڪالي ملي.

حفيظ جالنڌريءَ جي نظم جو عنوان آهي '*ایک رقاصہ سے خطاب*'، جيڪو سندس ڪتاب 'سوز و ساز' ۾ شامل ڪيو ويو. هينئر اهو نظم 'ڪليات حفيظ جالنڌري'، ترتيب و تدوين خواجہ محمد ذڪريا، الحمد پبليڪيشن لاهور، ڇاپو ڊسمبر 2005ع جي صفحي نمبر 389 تي ڏنل آهي.(34) ان جا ڪجهہ بند ڏجن ٿا:

رقاصہ

اُٹھی ہے مغرب سے گھٹا
پینے کا موسم آ گیا
ہے رقص میں اک مہ لقا
نازک ادا ناز آفریں
ہاں ناچتی جا گائے جا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نظروں سے دل برمائے جا
تڑپائے جا تڑپائے جا
او دشمن دنیا و دیں!
تیرا تھرکنا خوب ہے
تیری ادائیں دل نشیں
لیکن ٹھہر تو کون ہے
او نیم عریاں نازنیں
کیا مشرقی عورت ہے تو
ہرگز نہیں ہرگز نہیں
تیری ہنسی بے باک ہے
تیری نظر چالاک ہے
اوف کس قدر دل سوز ہے
تقریر بازاری تری
کتنی ہوس آموز ہے
یہ سادہ پرکاری تری
شرم اور عزت والیاں
ہوتی ہیں عفت والیاں
وہ حسن کی شہزادیاں
پردے کی ہیں آبادیاں
چشم فلک نے آج تک
دیکھی نہیں اُن کی جھلک

اهو نظم پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، اهو نظم باليءَ لاءِ لکيل ناهي، جو ان ۾ جنهن رقاصه جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان جي باليءَ سان ڪنهن به





نموني جي ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي، پر جيئن ته ان جو عنوان رقاصه هيو، ان ڪري مير ناز کي ٻڌايو ويو ته، هي نظم باليءَ تي آهي، جنهن ڪري مير ناز کي ڪاوڙ آئي ۽ هن حفيظ جالندريءَ کي دربار مان ڪڍي ڇڏيو.

## بالي پورٽريٽ:

مادام ايلسا قاضي، باليءَ جي مداح هئي. هوءَ باليءَ جي دوست به هئي، اڪثر باليءَ سان ملڻ ويندي هئي. هن باليءَ جو هڪڙو خوبصورت پورٽريٽ پڻ ٺاهيو هو.

مادام ايلسا ۽ علامه آءِ. آءِ. قاضي بذات خود عوام تائين پهچ وارا نه هئا، ان ڪري ان جو ٺاهيل پورٽريٽ هٿ نه ٿي سگهيو، پر چيو وڃي ٿو ته، اها تصوير تمام خوبصورت ۽ فني شاهڪار هئي. ميرن يا ته خاص طور مير مهدي رضا ٽالپر لاءِ چيو پيو وڃي ته، هن فيض محل ۽ دلشاد منزل ۾ لڳل باليءَ جون تصويرون هٽائي ڇڏيون. مير مهدي رضا، باليءَ جو نالو ٻڌڻ ۽ وٺڻ به پسند نٿو ڪري.[35]

'بالي ناز' داستان پنهنجي وقت ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو. ان حد تائين ته جڏهن ڪا زال، ڪنهن کان رُسي ويندي هئي ته، چيو ويندو هيو، "تون ڪهڙي بالي آهين."

## باليءَ جو گهر:

باليءَ جي پاڻتي حفيظ بٽ ٻڌايو ته، لاهور جي 'شاهي پاڙي' (جنهن کي عرف عام ۾ هيرا منڊي چوندا آهن) ۾ سينيما جي ساڄي پاسي ڪير ۽ ڏهيءَ جو دڪان آهي، ان جي پرسان باليءَ جو گهر، جنهن جو نمبر 1145 — A آهي، موجود آهي. ان سلسلي ۾ مان لاهور ويس. هاڻي شاهي محلي ۾ واقفيت نه هئي، پوءِ مون ڪنهن دوست جي معرفت 'وِڪي' نالي هڪ همراه ڪنيو، جنهن ملڻ شرط تي گهر ڪئي ته مان به دوستن کان پڇندس، پر اوهان ٻن هزارن جو موبائيل ۾ بيلينس ته وجهرايو. منهنجي مجبوري هئي، مون ڪيس ٻه هزار روپيا ڏنا ۽ ڪيس چيو ته، تون پاڻ بيلينس وجهراءِ، پوءِ هن ڪنهن کي فون ڪيو ۽ پنجابيءَ ۾ چيو ته، ٻن هزارن جو بيلينس وجهراءِ، پيسا مان اچي ڏيانءِ ٿو.

اسان ڳوليندا رهياسين. مذڪوره جاءِ نمبر نه مليو جو جاين تي نمبر لڳل ئي ڪونهن. بهرحال مون وڪيءَ کي چيو ته، هتان جو ڪو سينيئر يا پراڻو رهواسي ملاءِ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هو پڇندو پڇندو اچي هڪ بزرگ وٽ پهتو، جيڪو گوڏ ۾ گنجيءَ ۾ ويٺو هيو. هن پنهنجو نالو علم الدين ۽ پيءُ جو نالو دين محمد ٻڌايو. هن جي عمر 74 سال کن هئي.

هن کان پڇيوسين ته، اوهان باليءَ کي سڃاڻو ته هن وراڻيو، ’بالي — مير والي‘، چيوسين ’ها — اهائي‘. هن چيو ته ابا (پيءُ) مون کي چوندو هو ته، ”ڏس تنهنجي ماءُ جو حال ئي ڪونهي. هو بالي، مير والي بادشاهه لڳي پئي آهي.“ هن وڌيڪ چيو ته، ”مون بالي ڏٺي نه هئي، پر اباجي جي واتان ان جو ذڪر ٻڌندو هيس. هن چيو ته مون کي خبر ناهي ته اها ڪٿي رهندي هئي، پر اها پڪ اٿم ته هتي ئي رهندي هئي.

## مير جا باليءَ ڏانهن خط

خطن جو به پنهنجو رومانس آهي ۽ اڳوڻي دؤر ۾ جڏهن ڏور مواصلاتي سهولتون موجود نه هيون، ته اهڙو رومانس پنهنجي عروج تي هوندو هو. چون ٿا ته ان کان اڳ ۾ ڪبوترن جي پيرن ۾ خط وجهي محبوبن ڏانهن موڪليا هيا، جنهن کي شاعر هڪ فلمي ڪلام ۾ ايئن به چٽيو آهي:

واسطا هئي رب دا، تون جاوين وي ڪبوترا،
چٺي ميري ڍول نون، پچاوين وي ڪبوترا.

سنڌي ۽ اردو ادب ۾ رومانوي خطن کي گهڻي اهميت حاصل آهي. مير علي نواز ناز به باليءَ کي نهايت انڪساريءَ ۽ نيازمنديءَ مان رومانوي خط لکندو هو، جيڪي بعد ۾ سائين حسين شاهه راشديءَ هٿ ڪيا ۽ هن اهي خط ڇپائڻ چاهيا پئي. اهڙي تصديق ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب به ڪئي، جنهن چيو ته حسين شاهه راشدي مون سان اهڙو ذڪر ڪيو هيو.[36]

مون جڏهن انهن خطن جي کوجنا ڪئي ۽ سائين حسين شاهه راشدي جي فرزند علي رضا راشديءَ سان مليس ته، هن پڻ انهن خطن جي تصديق ڪئي ۽ چيو ته اسان کان حسين شاهه راشديءَ جو سمورو سامان حميد هارون ڪٽائي ويو آهي، جيڪو محفوظ ڪندو. مان پنهنجي دوست پروفيسر سليم ميمڻ معرفت حميد هارون وٽ ڪم ڪندڙ نگران ۽ مقبول شخصيت فهيم الزمان سان رابطو ڪيو، جنهن چيو آهي ته، مناسب وقت تي هو مون کي اهو مواد مهيا ڪندو. مان پڪ سان چوان ٿو ته، انهن خطن





جي نروار ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي هن رومانوي داستان جو هڪ نئون رخ ۽ نئون انداز ظاهر ٿيندو ۽ تاريخ پڻ هٿن ۾ ايندي.

## باليءَ لاءِ خاص ٻيڙي ليڊي وائيوليٽ:

باليءَ کي مير علي نواز ناز، هڪ خاص ٻيڙي ’ليڊي وائيوليٽ‘ ٺهرائي ڏني هئي، جيڪا بعد ۾ يادگارطور نوابشاهه جي ايڇ. ايم. خوجا ميوزيم ۾ به سال رکي ويئي هئي.

مير علي نواز ناز 75 هزار روپين جي خرچ سان مشهور ڪمپني مهاتا ۽ حرمن ڪراچيءَ کان 1920ع ۾ ٺهرائڻ جو آرڊر ڏنو، جيڪا 13 جنوري 1924ع ۾ باليءَ کي ويلنٽائن ڊي جي نسبت سان پيش ڪئي وئي. گاسليٽ تي هلندڙ ان جي انجڻ، جيڪا خاص مير ناز جي حڪم تي ناهي وئي هئي، ان ٻيڙيءَ ۾ ڊرائنگ روم، بيڊروم، بالڪوني، ڪچن ۽ باٿ روم شامل هئا. ان ٻيڙيءَ ۾ ميرناز ۽ بالي درياءَ جو سير ڪندا هيا، جيڪا نارا ڪئنال ۾ هلندي هئي.

ٻيڙيءَ کي پانڌي ملاح، سومار ملاح ۽ نباهو ملاح هلائيندا هيا. خيرپور رياست برطانيه جي بينڪ ٿيڻ کان پوءِ اها ٻيڙي انگريزن قبضي ۾ ورتي، جنهن ۾ برطانيه جي فوجين لاءِ هٿيار، ڪاڏو ۽ زخمي فوجين کي ڪٽڻ جو ڪم ورتو ويندو رهيو هو. جيڪي فوجي حرن مٿان ’مکي ٻيلي‘ سانگهڙ ۾ زخمي ٿيندا هيا. خاص ڪري 1940ع ۾ لڳايل مارشل لا دوران 1947ع کان پوءِ اها ٻيڙي آبپاشي کاتي جي ڪنٽرول ۾ ڏني وئي، جنهن تي شاهه ايران رضا شاهه پهلوي، ذوالفقار علي ڀٽو، ايوب خان، پير سائين پاڳارو به چڙهيو ۽ رضا شاهه پهلوي پنهنجي خاندان سان گڏجي نارا ڪئنال ۾ ان ٻيڙيءَ تي چڙهي واڳن جو شڪار پڻ ڪيو.

ميرناز جي آخري ڏينهن ۾، جڏهن هو بستري تي داخل هيو، تڏهن بالي هن جي عيادت لاءِ اچي پهتي، باليءَ کي خبر پيئي ته ميرناز سخت بيمار آهي. هن جي دل ۾ ڦهريون پيرو اهو جذبو جاڳيو ۽ هوءَ پنهنجي ناراضگي ۽ رُسامو ختم ڪري، اچي مير وٽ پهتي.[37]

مير امام بخش ٽالپر ٻڌايو ته، آخري ڏينهن ۾ مير ناز جو، باليءَ سان پڻ پيار



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جهڪو ٿي ويو هيو، هاڻي هن کي باليءَ جي پرواهه نه رهي هئي. بالي جڏهن خيمي ۾ آئي، تڏهن مير علي ڏٺو، جنهن ناز کي چيو ته، بالي اوهان سان ملڻ ٿي چاهي، جنهن تي مير ناز مرڪي وراڻيو ته، ”اوهان ڪيس چئو ته، ڏاڍي دير ڪئي اٿائين.“ ناز ملڻ کان انڪار ڪيو، خيمي جي ٻاهران باليءَ اهي لفظ پاڻ ٻڌا ۽ مير ناز جي ملڻ کان انڪار تي هن کي تمام گهڻو ڏک رسيو ۽ باليءَ جي دل ۾ پهريون ڀيرو مير ناز لاءِ بي پناهه محبت پيدا ٿي. چيو وڃي ٿو ته اِهو، اُهو موڙ هيو، جتي بالي، مير سان محبت شروع ڪئي ۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ناز وفات ڪري ويو. مير علي نواز ناز 25 ڊسمبر 1935ع تي گذاري ويو، پر هن ڪنهن به موقعي تي باليءَ کي ڏنل ملڪيت يا مراعتون واپس وٺڻ جو اعلان نه ڪيو، نه ئي هن عليحدگيءَ جو ڪو فرمان جاري ڪيو.

ناز جي وڃڻ کان پوءِ بالي تمام گهڻي ڏکياري ٿي، پائرن گهڻيون ئي لالچون ڏنيون، هن وٽ مير جو سون ۽ پئسو به تمام گهڻو هيو، پر هن واپس لاهور وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ پوءِ هن سموري زندگي مير ناز جي يادن ۾ گذاري. هوءَ هاڻي هڪ ديندار، فقيري طبع واري عورت ٿي وئي، جنهن نذرنياز ۽ مذهبي رنگ ۾ پنهنجي زندگي گذاري. باليءَ کي مير ناز جي وفات تي تمام گهڻو ڏک هيو. هن مير جي بيوفائن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

باليءَ جو ڏنل پهريون ۽ آخري انٽرويو، جيڪو غلام نبي شاهاڻي پنهنجي نوڪريءَ دوران هن کان ورتو ۽ سندس قلمي مسودي ۾ شامل آهي. ان انٽرويو تي سندس چيل ڳالهين ۾ اوهان هڪ ڀرپور درد محسوس ڪري سگهو ٿا ۽ باليءَ جو ناز لاءِ احساس ڇهي سگهو ٿا. هي انٽرويو مئي 1963ع ۾ دلشاد منزل خيرپور ۾ ورتو ويو. ان انٽرويو دوران غلام نبي شاهاڻيءَ جو دوست رسول بخش مهيسر به ساڻس گڏ هو.[38]

## حوالا


1. حفيظ ٻٽ، حاجره بيگم سان ڳالهه ٻولهه.
2. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
3. زوار رحيم بخش گوپانگ – ڳالهه ٻولهه.
4. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
5. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.







6. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
7. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
8. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
9. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
10. زين الدين شيخ – ڳالهه ٻولهه.
11. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
12. ممتاز بخاري – ڳالهه ٻولهه.
13. شفقت تنوير مرزا، روزاني ڊان، 28 جون، 2006ع.
14. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
15. راشدي، علي محمد شاهه، پير، ’اهي ڏينهن اهي شينهن‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
16. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
17. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
18. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
19. راشدي، علي محمد شاهه، پير، ’اهي ڏينهن اهي شينهن‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 2000ع.
20. حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
21. راشدي، علي محمد شاهه، پير، ’اهي ڏينهن اهي شينهن‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 2000ع، ص: 45.
22. شيخ عزيز، ’سندھ کی محلاتی داستانیں‘، برکھا انٹرپرائز، حیدرآباد،2009ع، ص:145 تا187.
23. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
24. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
25. دستاويز.
26. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
27. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.
28. بلوچ، شاهه محمد، ’وڏن ماڻهن جو عشق‘، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، 2003ع.
29. مير امام بخش ٽالپر ۽ حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.
30. ممتاز بخاري – ڳالهه ٻولهه.
31. محمد قاسم ماڪا کي سيد حسام الدين راشدي ٻڌايو هو – ڳالهه ٻولهه.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

32. مير امام بخش ٽالپر ۽ حفيظ ٻٽ – ڳالهه ٻولهه.

33. ممتاز بخاري – ڳالهه ٻولهه.

34. ممتاز بخاري – ڳالهه ٻولهه.

35. جالنڌري، حفيظ، ’ڪليات حفيظ جالنڌري‘، الحمد پبليڪيشن، لاهور، ڊسمبر 2005ع.

36. نواز علي شوق، ڊاڪٽر – ڳالهه ٻولهه.

37. مير امام بخش ٽالپر – ڳالهه ٻولهه.

38. شاهاڻي، غلام نبي، قلمي مسودو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair